

# گهريلو مسجد

## ٺاهڻ سنت آهي

سنڌي


شيخ طريقت، امير اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علّامه مولانا ابو بلال

**مُحمّد اِلياس عطّار قادِري رَضَوي**

دامت برکاتهم العالية

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

**ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:**

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

ترجمو: اي الله پاڪ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكربيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: **گهريلو مسجد ناهڻ سنت آهي**

ڇاپو پهريون: شوال المكرم 1443هه مئي 2021ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مكتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مكتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

ازقلم

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علام

# مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

# گھريلو مسجد ٺاهڻ سنت آهي

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاھ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

# فهرست

گھريلو مسجد ٺاھڻ سنت آھي ........................... 1
گھريلو مسجد ٺاھڻ سنت آھي ........................... 1
درود پاڪ جي فضيلت ........................... 1
گھر ۾ نماز جي لاءِ جڳھ مقرر ڪرڻ ”سنت“ آھي ........................... 2
پياري آقا جي نماز پڙھڻ جي جاين کي ”مسجد بيت“ ٻڌائڻ (واقعو) ........................... 2
پياري آقا جن کي گھر ۾ تشريف آڻڻ جي درخواست ........................... 3
”مسجد بيت“ ڇا کي چئبو آھي ........................... 5
”مسجد“ ۽ ”مسجدِ بيت“ جي نماز جي ثواب ۾ فرق ........................... 5
وقف ڇا کي چئبو آھي؟ ........................... 6
مديني ۾ سڀ کان پھريان مسجد بيت ڪنھن ٺاھي؟ ........................... 6
الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سجدي جي جاءِ (واقعو) ........................... 6
پياري آقا جي مسجدِ بيت ........................... 7
گھرن کي قبر نه ٺاھيو ........................... 8
گھر ۾ نفل پڙھڻ خير ۽ برڪت جو باعث آھي ........................... 9
نفل مسجدِ بيت ۾ پڙھو ........................... 10
سنتون مسجد ۾ نئي پڙھو ........................... 10
گھر گھر ۾ ”مسجدِ بيت“ ٺاھيو ........................... 11
گھرن ۾ مسجدون ٺاھڻ بزرگن جو طريقو آھي ........................... 12
مسجد بيت ٺاھڻ جو حڪمِ مصطفيٰ ........................... 12

”مسجدُ النّبوِي“ جي 10 حرفن جي نسبت سان مسجد بيت (گھريلو مسجد) جي متعلق 10 واقعا ........................... 13
(1) صديق اڪبرؓ مسجد بيت ۾ عبادت جي برڪت ............. 13
(2) بي بي فاطم جي مسجدِ بيت (يعني گھر جي مسجد) ......... 13
(3) سچي ڏينهن جي عبادت کان وزني ڪلمات ................ 14
شرح حديث ................................... 15
ڪجيءَ جون چار هزار ڪڪڙيون (واقعو) ...................... 16
پاڪ بيبيون اعتڪاف ڪنديون رهيون ...................... 16
(4) گھر ۾ مسجد ٺاهي ................................ 17
اونداهي ۾ نماز پڙهڻ ڪيئن؟ .............................. 18
(5) سرڪار مسجدِ بيت ۾ نماز پڙهائي ...................... 18
(6) مسجد بيت ۾ سجدي جي اندر انتقال .................... 18
(7) حضرت عمر بن عبد العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مسجد بيت ۾ ... .......... 19
(8) عيادت جي لاءِ ويندا هئا ته مريض جي گھر ۾ پهريان نماز پڙهندا هئا . 20
(9) غربت جو عظيم انعام ............................... 20
الله پاڪ جي طرفان ڊر ................................ 21
(10) حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ٻانهي جو خواب ...... 22
اسلامي ڀينرن جو اعتڪاف .............................. 23
اعتڪاف جا ڪيترا قسم آهن؟ ............................ 23
مسجد بيت جا مختلف شرعي مسئلا ...................... 24

عورت اعتڪاف دوران مسجد بيت کان نڪري سگھي ٿي؟ ......... 24
پُل ۾ مسجدِ بيت کان نڪرڻ جو حڪم ...................... 25
عورت ڪھڙي ڪھڙي حاجت سبب مسجدِ بيت کان نڪري سگھي ٿي؟ 25
سنت اعتڪاف جي لاءِ روزو رکڻ ضروري آھي .................. 26
ڪِرائي جي مڪان ۾ مسجدِ بيت ٺاھي سگھون ٿا؟ ............... 26
عورت جو غسل جي لاءِ مسجد بيت کان نڪرڻ ڪيئن؟ ............. 26
مسجد بيت ۽ اسلامي ڀينرن جي اعتڪاف جا 25 مختلف مسئلا. .... 27
باجماعت نماز جي اھمِيّت ................................. 31
ٻارن کي نمازي بڻائڻ جو بھترين طريقو ...................... 32

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# گھريلو مسجد ٺاهڻ سنت آهي

يَارَبَّ الْمُصطَفٰي: جيڪو بہ مڪمل رسالو”گھريلو مسجد ٺاهڻ سنت آهي“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي سجدن جي مناڻ نصيب فرماءِ ۽ ان جي بي حساب مغفرت فرماءِ. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## درود پاڪ جي فضيلت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جنهن مون تي هڪ ڀيرو درودِ پاڪ پڙهيو الله پاڪ ان تي ڏهہ رحمتون موڪليندو آهي ۽ ان جي اعمالنامي ۾ 10 نيڪيون لکندو آهي. (ترمذی ج ۲ ص ۲۸ حديث ۴۸۴)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! ”مسجدِ بيت“ ٻڌائڻ يعني پنهنجي گھر ۾ نماز جي لاءِ ڪا جاءِ مقرر (يعني فڪس.FIX) ڪرڻ نبين سڳورن جي سنت بہ آهي ۽ نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بہ سنت آهي، اسان کي بہ هن سنت تي عمل ڪرڻ گھرجي. الله پاڪ جي سڀ کان آخري نبي، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مڪانِ عاليشان جي اندر بہ مسجدِ بيت هئي.

الله پاڪ سيپاري 11 سورة يونس آيت 87 ۾ ارشاد فرمائي ٿو.

| | |
|---|---|
| وَ اَوْحَيْنَاۤ اِلٰى مُوْسٰى وَ اَخِيْهِ اَنْ تَبَوَّاٰ لِقَوْمِكُمَا بِمِصْرَ بُيُوْتًا وَّ اجْعَلُوْا بُيُوْتَكُمْ قِبْلَةً وَّ اَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ ؕ وَ | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ اسان موسيٰ ۽ ان جي ڀاءُ کي وحي موڪلي تہ مصر ۾ پنهنجي قوم جي لاءِ جايون ٺاهيو ۽ پنهنجي |

بَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ﴿۸۷﴾

گهرن ۾ نماز جي جاءِ بڻايو ۽ نماز قائم رکو ۽ مسلمانن کي خوشخبري ٻڌاءِ.

## گهر ۾ نماز جي لاءِ جڳهه مقرر ڪرڻ”سنت“آهي

”نورالعرفان“ ۾ آهي: هن مان معلوم ٿيو ته رهڻ سهڻ جي گهرن ۾ ”گهريلو مسجد ٺاهڻ“ جنهن کي مسجدِ بيت چيو وڃي ٿو، سنتِ انبياء(عَلَيهِم السَّلَام) آهي جو مسلمان پنهنجي گهر جو ڪو حصو پاڪ صاف رکن نماز جي لاءِ ۽ ان ۾ عورت اعتڪاف ڪري، اِهو به معلوم ٿيو ته گهرن ۾ ڪجهه نمازون پڙهڻ گهرجن، فرض نماز مسجد ۾، سنت نفل گهر ۾، تورو اڳتي هلي مفتي صاحب وڌيڪ فرمائن ٿا: گهر ۾ نماز جي لاءِ جڳهه مقرر ڪرڻ (يعني مسجدِ بيت ٺاهڻ) ”سنت“ آهي.

(نورالعرفان ص۳۴۷)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پياري آقا جي نماز پڙهڻ وارين جاين کي ”مسجد بيت“ بڻائڻ(واقعو)

حضرت اُمّ سُلَيم رَضِيَ اللهُ عَنْهَا بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان منهنجي گهر تشريف ڪٽي هلو ۽ نماز ادا فرمايو ته جيئن مان اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نماز پڙهڻ جي جاءِ کي پنهنجي نماز جي جاءِ(يعني مسجد بيت) بڻايان. الله پاڪ جا پيارا نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي گهر تشريف وٺي ويا ۽ نماز ادا فرمائي.

(نَسائی ص۱۲۸ حديث۷۳۴ مُلَخَّصًا)

”مرآت“ ۾ آهي: گهر جي ڪنڊ ۾ نماز نه ان لاءِ پڙهي نه جيئن اهو گهر حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نفل (ادا فرمائڻ) سان متبرڪ (يعني برڪت وارو) ٿي وڃي ۽ هيءَ جاءِ گهر وارن جي لاءِ دائمي(يعني PERMANENT) جاءِ نماز(يعني مسجد بيت) بڻجي وڃي. (مرأة ج٣ ص١٩٩)

الٰہی! جس کے سبب سے یہ عرش و فرش بنے
اُسی کا میرے بھی دِل میں قیام ہو جائے

(قبالۂ بخشش ص٢٧٢)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پياري آقا جن کي گهر ۾ تشريف آڻڻ جي درخواست

صحابيِ نبي، حضرت عِتْبان بن مالڪ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: مان پنهنجي قوم بني سالم کي نماز پڙهائيندو هئس. منهنجي ۽ انهن جي وچ ۾ هڪ نالو (يعني برساتي نهر) هو، جڏهن مينهن وسندو هو ته منهنجو مسجد ۾ پهچڻ تمام مشڪل ٿي ويندو هو. الله پاڪ جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ حاضر ٿي مون عرض ڪيو ته منهنجي نظر ڪمزور ٿي وئي آهي منهنجي ۽ منهنجي قوم (بني سالم) جي وچ ۾ هڪ ”نالو“ وهندو آهي، جڏهن مينهن وسندو آهي ته منهنجو مسجد ۾ پهچڻ تمام مشڪل ٿي ويندو آهي، مان چاهيان ٿو ته اوهان منهنجي گهر اچو ۽ اتي نماز ادا فرمايو ته جيئن مان اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ان جاءِ کي پنهنجي نماز جي لاءِ جاءِ بڻايان. الله پاڪ جي پياري نبي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”ان شاءَ الله مان ضرور

ايندس“ حضرت عِتّبان بن مالك رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: ٻئي ڏينهن سج نڪرڻ کان بعد حضوراڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت ابوبڪر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ سان گڏ تشريف وٺي آيا ۽ (پنهنجي ڪريماڻي عادت مطابق) گهر ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت گهريائون، مون اندر اچڻ جي درخواست ڪئي. حضوراڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم گهر اچي ويهڻ کان پهريان ارشاد فرمايو: ”توهان ڪي ڪهڙي جاءِ پسند آهي جتي مان نماز پڙهان؟“حضرت عِتّبان بن مالك رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا. مون ڪي جيڪا جاءِ وڻندي هئي مون ان ڏانهن اشارو ڪيو. حضوراڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اتيا ۽ اسان حضوراڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پنيان صف ٻڌائي، پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم 2 رڪعت نماز پڙهي سلام ڦيريو ۽ اسان بہ سلام ڦيريو. مون پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي لاءِ تيار ڪيل ”خزيره“ (يعني گوشت مان تيار ڪيل هڪ قسم جو کاڌو) حاضر ڪرڻ جي لاءِ سرڪار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي روڪي ورتو. محلي وارن کي جڏهن خبر پئي تہ رسولِ پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منهنجي گهر آيل آهن تہ اتي ماڻهو گڏ ٿيڻ شروع ٿي ويا ايستائين جو تمام گهڻا ماڻهو گڏ ٿي ويا. (بخاری ج ۱ ص ۳۹۹ حدیث ۱۱۸۶)

**الله پاڪ جي انهن سيني تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

سُنا ہے آپ ہر عاشق کے گھر تشریف لاتے ہیں
مرے گھر میں بھی ہو جائے چراغاں

شارح بخاري حضرت مفتي شريف الحق امجدي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: حديث مان ثابت ٿيو تہ جن مقامن تي حضوراڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن

نماز پڙهي آهي (تہ) اهي بابرڪت ٿي ويا ۽ انهن مان برڪت حاصل ڪرڻ، بِالْقصد (يعني ارادي طور) اتي نماز پڙهڻ صحابہ ڪرام(رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡھُم) جي سنت آهي. (نزہۃ القاری ج۲ ص۱۴۱ بتغیر قلیلٌ)

حضرت امام ابو زَڪريّا يحيٰي بن شرف نَوَوِي(نَ. وَ. وِي) رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هن حديث پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: محلي وارن ۽ پاڙيسرين جي لاءِ مستحب آهي تہ جيڪڏهن انهن مان ڪنهن جي گهر ڪو نيڪ شخص تشريف آڻي تہ اهي انهن جي زيارت ڪرڻ ۽ انهن کان برڪتون حاصل ڪرڻ جي لاءِ جمع ٿين. ۽ هن ۾ بہ ڪو حرج ناهي تہ گهر ۾ نماز وغيره پڙهڻ جي لاءِ هڪ جاءِ خاص ڪئي وڃي (يعني مسجدِ بيت بڻائي وڃي). (شرحِ مسلم للنووی ج۵ص۱۶۱)

شاہِ جن و بشر! خیر سے میرے گھر
تیرے آئیں قدم، تاجدارِ حرم

(وسائل بخشش ص۲۵۳)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ”مسجد بيت“ ڇا کي چئبو آهي

گهر ۾ جيڪا جاءِ نماز جي لاءِ مقرر ڪئي وڃي ان کي ”مسجد بيت“ چوندا آهن. (فتاوی رضویہ ج۲۲ ص ۴۷۹ بتغیر)

## ”مسجد“ ۽ ”مسجدِ بيت“ جي نماز جي ثواب ۾ فرق

حضرت مفتي شريف الحق امجدي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: اها(يعني گهريلو مسجد) فقهي اصطلاح ۾ مسجد نہ هوندي ۽ نہ ان ۾ نماز پڙهڻ جو اهو ثواب آهي جيڪو مسجد ۾ پڙهڻ جو آهي، جيستائين ان کي مسجد جي

لاءِ”وقف“ ڪري ان جو رستو گهر جي رستي کان الڳ ڪري ائين نہ ڪري ڇڏي جو مسلمان جڏهن چاهن نماز پڙهن. (نزہۃ القاری ج۲ ص۱۷۷)

## وقف ڇا کي چئبو آهي؟

هاڻي توهان ”وقف“ جي باري ۾ پڙهيو، اچو اسلام ۾ ”وقف“ ڇا کي چئبو آهي اهو بہ ڄاڻي ونون ٿا جيئن تہ بهارِ شريعت جلد 2 صفحو 523 تي آهي. وقف جي اها معنيٰ آهي تہ ڪنهن شيءِ کي پنهنجي ملڪيت مان ڪڍي ڪري خالص اللّٰه پاڪ جي ملڪيت ڪرڻ هن طرح جو ان جو نفعو اللّٰه پاڪ جي ٻانهن مان جنهن کي چاهي ملندو رهي. (عالمگیری ج۲ص۳۵۰)

## مديني ۾ سڀ کان پهريان مسجد بيت ڪنهن ٺاهي؟

صحابي رسول حضرت عمّار بن ياسر رَضِیَ اللہُ عَنْہ (مديني پاڪ ۾ سيني صحابہ ڪرام مان) سڀ کان پهريان پنهنجي گهر ۾ مسجد ٺاهي جنهن ۾ پاڻ عبادت ڪندا هئا. (البداية والنهاية ج۵ ص۴۱۸)

## اللّٰه پاڪ جي آخري نبي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سجدي جي جاءِ (واقعو)

اُمُّ المؤمنين حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا ارشاد فرمائن ٿيون: مون هڪ رات سَروَرِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي بستر تي آرام فرمائيندي نہ ڏٺو تہ ڳولها ڪئي، ڳولها ڪندي منهنجا هٿ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ ترين کي لڳا، پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سجدي جي حالت ۾ پنهنجي سجدي ڪرڻ واري جاءِ تي هي پڙهي رهيا هئا:

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَعُوْذُ بِرِضَاكَ مِنْ سَخَطِكَ، وَبِمُعَافَاتِكَ مِنْ عُقُوْبَتِكَ، وَاَعُوْذُ بِكَ مِنْكَ،
لَا اُحْصِيْ ثَنَآءً عَلَيْكَ اَنْتَ كَمَا اَثْنَيْتَ عَلٰى نَفْسِكَ

يعني اي الله پاڪ! مان تنهنجي رضا جي سبب تنهنجي ناراضي کان ۽ تنهنجي معافي جي سبب تنهنجي عذاب کان پناهه گهران ٿو مان تنهنجي تعريف ائين نٿو ڪري سگهان جيئن تو پنهنجي تعريف پاڻ فرمائي.
(مسلم ص١٩٩حديث ١٠٩٠)

حضرت علّامہ علي قاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حديث پاڪ جي هن حصي ”پنهنجي سجدي ڪرڻ واري جاءِ“ جي شرح ۾ لکن ٿا: اهو مقام جتي الله پاڪ جا پيارا رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي مبارڪ حجري ۾ نماز ادا ڪندا هئا ۽ اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ اها ”مسجد نبوي“ هجي.
(مرقاة المفاتيح ج2 ص612،ملخصا)

”مرآت“ ۾ آهي: يعني سجدي ۾ وجي دعائون گهري رهيا هئا، مسجد نبوي چو تہ حضرت عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي حجري سان بلڪل مليل هئي، انهيءَ طرف دروازو هو ان ڪري سندن هٿ پنهنجي بستر تي موجود هوندي مسجد ۾ پهچي ويو. (مرآت ج 2 ص82)

## پياري آقا جي مسجدِ بيت

اُمُّ المؤمنين حضرت عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ارشاد فرمائن ٿيون: مان پنهنجي نماز نہ پڙهڻ جي ڏينهن ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سجدي واري جاءِ جي برابر ۾ ليٽيل هيس.

حضرت امام ڪرماني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي شرح ۾لکن ٿا: هتي سجدي واري جاءِ مان مراد حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي

سجدي ڪرڻ واري جاءِ(مسجد بيت) آهي، هتي مسجد نبوي شريف مراد ناهي ؎(عمدة القاری ج۳ص۱۸۴ ملخّصًا)

اہلِ اسلام کی مادَرانِ شَفیق
بانوانِ طہارت پہ لاکھوں سلام

(حدائقِ بخشش ص۳۱۰)

الفاظ ۽ معنٰي: اهلِ اسلام: مسلمان. مادر: ماءُ. شفيق: مهربان. بانو: عزت دار عورت. طهارت: پاڪيزگي.

شرحِ ڪلامِ رضا: نور واري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون عزت دار، پاڪ بيبيون جيڪي تمام مسلمانن جون مهربان مائرون آهي، هنن پاڪيزه عورتن تي لکين سلام هجن.

ہر زوجہ نبی جنّتی جنّتی
سب صحابیات بھی جنّتی جنّتی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## گهرن کي قبر نه بڻايو

فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”پنهنجون ڪجھ نمازون پنهنجي گهرن جي لاءِ مقرر ڪيو ۽ گهرن کي قبر نه بڻايو. (مسلم ص ۳۰۶ حديث ۱۸۲۱)

حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هن طرح جو فرض نماز مسجد ۾ پڙهو ۽ سنت ۽ نفل گهر ۾ اچي يا پنج وقت جون نمازون مسجد ۾ پڙهو ۽ نماز تهجد، چاشت وغيره گهر ۾ پڙهو، ته جيئن نماز جو نور گهرن ۾ رهي ۽ عورتون ۽

ٻار توهان کي ڏسي نماز جو شوق پيدا ڪن. پڻ گهر جي نماز ۾ ريا گهٽ هوندي آهي. (مراۃ ج۱ص۴۴۱) حضرت علاّمہ ابن بطّال رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ هن حديث پاڪ جي شرح ۾ لکن ٿا: جنهن گهر ۾ نماز نہ پڙهي ويندي هجي ان گهر کي قبر سان تَشۡبِيهہ ڏني(يعني قبر جيان قرار ڏنو) آهي[1] يعني ائين نہ ڪيو جو جيئن مرده قبرن ۾ نماز ناهن پڙهندا، توهان بہ پنهنجن گهرن ۾ نماز نہ پڙهو.

## گهر ۾ نفل پڙهڻ خير ۽ برڪت جو باعث آهي

الله پاڪ جي پياري پياري نبي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جڏهن توهان مان ڪو شخص پنهنجي مسجد ۾ نماز ادا ڪري تہ ان کي گهرجي تہ پنهنجي گهر جي لاءِ نماز مان ڪجهہ حصو بچائي رکي جو تہ الله پاڪ ان نماز جي سبب سندس گهر ۾ خير ۽ برڪت عطا فرمائيندو.“[2]

حضرت علامہ عبدُرَّؤف مناوي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ هن حديث پاڪ جي شرح ۾ لکن ٿا: فرض نماز جماعت سان گڏ مسجد ۾ ادا ڪيو چو تہ هي مسجدون خاص ڪري انهيءَ لاءِ قائم ڪيون ويو آهن. نفل نماز پنهنجي رهڻ واري جاءِ تي گهر وغيره ۾ ادا ڪيو تہ جيئن ان نماز جون برڪتون توهان جي گهر ۽ ان ۾ رهڻ وارن کي حاصل ٿين. حضرت امام عراقي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ هن موقعي تي هي بہ ارشاد فرمايو”نماز رزق وني اچڻ واري آهي“ (فيض القديرج۱ص۵۳۵)

---

[1] شرح بخاری لا بن بطّال ج۳ص۱۷۶
[2] مسلم ص۳۰۶ حديث ۷۷۸

هڪ ٻئي حديث پاڪ ۾ آهي: اللہ پاڪ جي ذڪر ۽ قرآن پاڪ جي ذڪر ۽ تلاوت جي ڪثرت سان پنهنجي گهرن کي روشن ڪيو. (شرحِ ابنِ بطال ج۳ ص ۱۷۷)

## نفل مسجدِ بيت ۾ پڙهو

نيڪ بڻجڻ جو هڪ بهترين طريقو روزانو پنهنجي عملن جو"جائزو" وٺي مڪتبة المدينہ جي رسالي"نيڪ اعمال" ۾ ڏنل خانا پري هر مهيني جي پهرين تاريخ تي پنهنجي هُتان جي"شعبهءِ اصلاحِ اعمال" جي ذميدار کي جمع ڪرائڻ به آهي. هن رسالي ۾ پنهنجي مسجدِ بيت(يعني گهريلو مسجد) ۾ نماز پڙهڻ جي ترغيب موجود آهي. تنهنڪري جيتستائين ٿي سگهي اسلامي ڀائر تهجد، اشراق و چاشت، اوّابين، صلوٰة التوبہ وغيره پنهنجي گهر جي مسجد يعني مسجد بيت ۾ ادا ڪن ۽ اسلامي ڀينرون پنجئي فرض نمازون به پنهنجي"مسجدِ بيت" ۾ پڙهن.

## سنتون مسجد ۾ ئي پڙهو

بيشڪ فرض رڪعتن کان پهريان واريون ۽ بعد واريون سنتون گهر ۾ پڙهڻ جي حديثن ۾ ترغيب موجود آهي پر هاڻي مسلمانن جو انداز بدلي چڪو آهي، جيڪو مسجد ۾ صرف فرض رڪعتون ئي پڙهي ان جي متعلق ماڻهن کي اهو وسوسو اچي سگهي ٿو ته هي شخص سنتون نٿو پڙهي. تنهنڪري مسلمانن کي غيبت، تهمت ۽ بدگماني وغيره جي گناهن کان بچائڻ جي نيت سان سنتون هاڻي به مسجد ئي ۾ پڙهو. هن

حوالي سان منهنجي آقا اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه جو فرمان آسان لفظن ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو: ”اڄڪلهه عام مسلمان سنتون مسجدن ۾ ئي پڙهندا آهن ۽ عام مسلمانن جي معمول کان هٽڻ آڱريون کڄڻ ۽ برو پلو چيو وڃڻ جو سبب آهي ۽ هن سان غيبت ۽ بدگماني جو دروازو کلندو آهي. گهر ۾ سنتون پڙهڻ هڪ مستحب ڪم هو پر هنن حڪمتن (يعني عوام جي بدگماني وغيره جي گناهه ۾ پوڻ جي خطرن) جي پيشِ نظر هن(يعني گهر ۾ سنتون پڙهڻ جي) ڪم کي ڇڏڻ وڌيڪ اهم آهي. (ڏسو:فتاويٰ رضويه،جلد7صفحه416)

## گهر گهر ۾ ”مسجدِ بيت“ ٺاهيو

اي عاشقانِ نماز! اڳي جي پاڪيزه دور جي مسلمانن جي گهرن ۾ مسجدِ بيت (يعني گهريلو مسجد) هوندي هئي. افسوس! هاڻي گهرن ۾ بيڊروم، ڊرائنگ روم، ڊريسنگ روم، اسٽيڊي روم، فٽنس روم، ٽي، وي لانچ ۽ خبر ناهي ڇا ڇا ناهيا پيا وڃن! جيڪڏهن نٿا ناهن ته ”مسجدِ بيت“ ۽ وضو خانو نٿا ناهن. همت ڪريو! سنين سنين نيتن سان پنهنجي گهر ۾ ”مسجدِ بيت“ ٺاهيو ۽ ثواب جا حقدار بڻجو. ”بهار شريعت“ ۾ مسجد بيت جي ترغيب ڏياريندي لکيو آهي: عورت جي لاءِ اهو مستحب به آهي ته گهر ۾ نماز پڙهڻ جي لاءِ ڪا جڳهه مقرر ڪري ۽ ان جڳهه کي پاڪ ۽ صاف رکي ۽ بهتر هي آهي ته ان جڳهه کي چبوتري (يعني ٿلهي) وغيره جيان بلند ڪري. بلڪ مرد کي به گهرجي ته نوافل جي لاءِ گهر ۾ ڪا جڳهه مقرر ڪري ڇڏي جو نفل نماز گهر ۾ پڙهڻ افضل آهي. (درمختارو ردالمحتار ج۳ص۴۹۴، بهارِ شريعت ج۱ ص ۱۰۲۱) ياد رهي! مسجدِ بيت جي لاءِ سجو ڪمرو هئڻ جائز ته آهي پر ضروري ناهي، ڪنهن ڪمري ۾ هڪ

فرد نماز پڙهي سگهي ايتري جڳهه به جيڪڏهن مقرر ڪري ڇڏي تڏهن به اها ڪافي آهي، هن جي الڳ سان تعمير وغيره به ضروري ناهي. (فيضانِ نماز ص۵۳۷ بتغير)

## گهرن ۾ مسجدون ٺاهڻ بزرگن جو طريقو آهي

گهريلو مسجد نماز ادا ڪرڻ جي جاين مان آهي ۽ بُزرگانِ دِين رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِم جي مبارڪ عادت آهي ته اهي پنهنجي گهرن ۾ نماز پڙهڻ جي جاين کي خاص ڪندا (يعني ”مسجدِ بيت“ ٺاهيندا) هئا.
(فتح الباری لابن رجب ج۳ص۱۶۹)

## مسجد بيت ٺاهڻ جو حڪمِ مصطفٰي

گهرن ۾ مسجد ٺاهڻ جي متعلق اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا بيان فرمائن ٿيون ته تمام نبين جي سَروَر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ گهرن ۾ مسجدون ٺاهڻ ۽ انهن کي پاڪ ۽ صاف ۽ خوشبودار رکڻ جو حڪم ارشاد فرمايو. (ابوداؤد ج۱ص۱۹۷حديث ۴۵۵)

حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي شرح ۾ لکن ٿا: هن مان ”مسجدِ بيت“ مراد آهي، يعني گهر ۾ ڪو حجرو يعني ڪمرو يا ڪنڊ نماز جي لاءِ رکي وڃي جتي ڪو دنيا جو ڪم نه ڪيو وڃي، هن جاءِ تي صفائي ٿئي ۽ خوشبو جو لحاظ رکيو وڃي. اسان پنهنجي بزرگن کي هن تي عمل ڪندي ڏٺو، هاڻي هن جو رواج ختم ٿي ويو. وڌيڪ هن حديث مان معلوم ٿيو ته مسجدن ۾ خوشبو ٻارڻ، عطر ملڻ مستحب آهي. (مراۃ ج۱ ص۴۴۳) ياد رهي خوشبو لڳائڻ يا ٻارڻ سان هاڻي يا اينڊز ماڻهن کي هن جو فائدو ٿيندو تڏهن ئي خوشبو لڳائي سگهو ٿا نه ته نه.

## ”مسجدُ النبوِي“ جي 10 حرفن جي نسبت سان مسجد بيت (گھريلو مسجد) جي متعلق 10 واقعا

### (1) صديق اڪبرؓ مسجد بيت ۾ عبادت جي برڪت

مسلمانن جي پهرين خليفي عاشقِ اڪبر، اَمير المؤمنين حَضرتِ سيدنا ابوبڪر صدّيق رَضِیَ اللہُ عَنْه ابتداءِ اسلام ۾ پنهنجي گھر جي صحن ۾ هڪ مسجد (يعني مسجد بيت) ٺاهي هئي، جتي پاڻ قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪندا ۽ نماز پڙهندا هئا. ماڻهو اهو ايمان پرور منظر ڏسڻ جي لاءِ جمع ٿي ويندا هئا، اَلۡحَمۡدُلِلّٰه سندن عبادت ۽ تلاوت ۽ خوفِ خدا ۾ روئڻ جي ڪيفيت سان متاثر ٿي ڪيئي ماڻهو دينِ اسلام ۾ داخل ٿي ويا. (الرياض النضرة ج۱ص۹۲) **الله پاڪ جي اُنهن تي رحمت ٿئي ۽ اُنهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

يقيناً منبعِ خوفِ خدا صدّیقِ اکبر ہیں
حقیقی عاشقِ خیرُ الوریٰ صدّیقِ اکبر ہیں

(وسائل بخشش ص۵۶۵)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

### (2) بيبي فاطمه جي مسجدِ بيت (يعني گھر جي مسجد)

نواسهءِ نبي، صحابي ابن صحابي، حضرت امام حسن بن مولا علي رَضِیَ اللہُ عَنۡھُمَا فرمائن ٿا ته مون پنهنجي امڙ سائڻ خاتونِ جنت حضرت بيبي فاطِمه زَهرا رَضِیَ اللہُ عَنۡھَا کي ڏٺو ته رات جو مسجد بيت

يعني گهريلو مسجد ۾ صبح صادق تائين نفل پڙهنديون رهيون. مون سندن کي پنهنجي بدران بين مسلمانن جي لاءِ تمام گهڻيون دعائون ڪندي ٻڌو، مون عرض ڪيو: امڙ سائڻ! ڇا ڳالهه آهي جو اوهان پنهنجي لاءِ ڪا دعا نٿيون ڪيو؟ فرمايائون: ”پهريان پاڙو آهي پوءِ گهر“ (مَدَارِجُ النُّبوّت ج ٢ص ۴۶١ بتغير) **الله پاڪ جي اُنهن تي رحمت ٿئي ۽ اُنهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

پئے حسین و حسن فاطمہ علی حیدر

ہمارے بگڑے ہوئے کام دے بنا یارب

(وسائل بخشش ص٧۶)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (3) سڀني ڏينهن جي عبادت کان وزني ڪلمات

الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، مکي مدني، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ ڀيرو فجر جي نماز کان بعد اُمُّ المؤمنين حضرت بيبي جويريه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي حجري ۾ تشريف کڻي آيا، پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ان وقت مسجدِ بيت ۾ هيون. وري چاشت جي وقت ٻيهر تشريف کڻي آيا ته پاڻ اڃان به اتي ويٺيون هيون. الله پاڪ جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: اوهين ان وقت کان هتي ويٺيون آهيو؟ عرض ڪيائين: جي ها. فرمايائين مون هتان کان وڃڻ کان بعد 4 اهڙا ڪلما ٽي ڀيرا پڙهيا آهن جو جيڪڏهن انهن کي تنهنجي سڀني ڏينهن جي عبادت ساڻ ٿيٽايو وڃي ته اهي وزني ٿيندا، اهي ڪلما هي آهن:

سُبۡحٰنَ اللّٰہِ وَبِحَمۡدِہٖ عَدَدَ خَلۡقِہٖ، وَرِضَا نَفۡسِہٖ، وَزِنَۃَ عَرۡشِہٖ، وَمِدَادَ کَلِمَاتِہٖ[1]

(مسلم ص ١١١٩ حديث ٦٩١٣)

## شرح حديث

حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ هن حديث پاڪ جي شرح ۾ لکن ٿا: مسجد مان مراد مصلو آهي يعني سجدي واري جاءِ يا اها جڳهه جيڪا گهر ۾ نماز جي لاءِ خاص ڪئي وڃي (جنهن کي ”مسجد بيت“ چوندا آهن) يعني مون توهان وٽان وڃڻ کان بعد هي وظيفو پڙهي ورتو جيڪو عمل ۾ نهايت هلڪو ۽ آسان آهي. جيڪڏهن قيامت جي ڏينهن رب تعالٰي ميزان جي هڪ پُڙ ۾ تنهنجي اجوڪي سڄي ڏينهن جو هي وظيفو رکي ۽ ٻئي پُڙ ۾ منهنجا (پڙهيل) هي ڪلما رکي ته ثواب ۾ هي ڪلما وڌي ويندا. هنن جامع لفظن ۾ سيئي شيون اچي ويون ڪا شيءِ باقي نه رهي ڇو جو هي جامع وظيفو آهي ان ڪري هن جو اجر به وڌيڪ آهي. (مرآة ج٣ ص٣٣٩) هي ورد نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي لاءِ خاص ناهي هر هڪ پڙهي سگهي ٿو.

تو اَبدی ہے تو اَزَلی ہے، تیرا نام عَلیم و علی ہے
ذات تری سب سے برتر ہے، یا اللّٰہُ یا اللّٰہ

(وسائل بخشش ص٩٢)

---

[1] ترجمو: مان الله جي اهڙي پاڪي بيان ڪيان ٿو ۽ ان جي تعريف ڪيان ٿو جيڪا تمام مخلوق جي برابر، ان جي رضا جو باعث، ان جي عرش جي وزن جي برابر ۽ ان جي ڪلمن جي مَس جي برابر. (مطلب هي آهي ته الله جي پاڪي ۽ تعريف بيشمار ڪندو آهيان)

## ڪجيءَ جون چار هزار ڪڪڙيون (واقعو)

بيان ڪيل واقعي ۾ گهڻي ثواب واري هڪ ورد جو تذڪرو آهي. ان ڪان به گهڻ لفظن جي تمام گهڻي ثواب واري هڪ ورد جي هڪ روايت بيان ڪئي وڃي ٿي. اُمُّ المؤمنين حضرت صَفِيّہ رَضِیَ اللہُ عَنْهَا ارشاد فرمائن ٿيون: الله پاڪ جا پيارا نبي صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مون وٽ تشريف ڪٹي آيا، مون وٽ ڪجيءَ جون چار هزار ڪڪڙيون رکيون پيون هيون جن تي مان تسبيح پڙهي رهي هيس. اهو ڏسي نبي پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: تو هنن ڪڪڙين تي تسبيح پڙهي آهي، ڇا مان توکي اهڙا ڪلما نہ سيکاريان جيڪي هن کان وڌيڪ فضيلت وارا آهن؟ مون عرض ڪيو: جو نہ ضرور سيکاريو. ارشاد فرمايائون: تہ هيئن چئو: سُبْحٰنَ اللهِ عَدَدَ خَلْقِهٖ ترجمو: الله پاڪ کي ان جي مخلوق جي تعداد جي برابر پاڪي آهي. (ترمذی ج۵ ص۳۲۵ حدیث ۳۵۶۵)

وصف بیاں کرتے ہیں سارے، سنگ و شجر اور چاند ستارے
تسبیحِ ہر خشک و تر ہے، یا اللّٰہُ یا اللہ

(وسائل بخشش ص ۹۲)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پاڪ بيبيون اعتڪاف ڪنديون رهيون

جيئن تہ اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيّدتُنا عائشہ صديقه رَضِیَ اللہُ عَنْهَا روايت فرمائن ٿيون رسولِ اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي (يعني آخري ڏهن ڏينهن) جو اعتڪاف فرمائيندا هئا. ايستائين

جو اللّٰه پاڪ ڪين وفاتِ (ظاهري) عطا فرمائي. پوءِ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪان بعد ڪين ازواج مطهرات رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُنَّ **اعتڪاف** ڪنديون رهيون.

(صحيح بخاري ج1 ص664 حديث 2026)

**اللّٰه پاڪ جي اُنهن تي رحمت ٿئي ۽ اُنهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اُمہاتُ المومنین وچار یار
سب صحابہ سے ہمیں تو پیار ہے

(وسائل بخشش ص ٧٠٠)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

”مرآت“ ۾ آهي: رسولِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وفات (شريف) ڪان بعد سندن ازواجِ پاڪ (يعني پاڪ بيبين) هميشه پنهنجي گهرن(يعني مسجد بيت) ۾ اعتڪاف ڪيو. فقهاء فرمائن ٿا: هن(يعني عورت) جي لاءِ گهر(جي مسجد يعني مسجد بيت) ۾ اعتڪاف ڪرڻ تمام سنو آهي. (مِراٰة ج٣ص٢١٢)

## (4) گهر ۾ مسجد ٺاهي

صحابيه حضرت بيبي اُمِّ حُمَيْد رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا حڪم ارشاد فرمايو ته سندن لاءِ گهر جي اونداهي ڪنڊ ۾ مسجد(يعني مسجد بيت) ٺاهي وڃي، پاڻ ان(مسجد بيت) ۾ نمازادا ڪنديون هيون ايستائين جو سندن انتقال شريف ٿيو. (الاحسان بترتيب صحيح ابنِ حبان ج٣ ص٣١٨ حديث٢٢١٤) **اللّٰه پاڪ جي اُنهن تي رحمت ٿئي ۽ اُنهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## اونداهي ۾ نماز پڙهڻ ڪيئن؟

اونداهي ۾ نماز پڙهي سگهو ٿا، هن ۾ ڪو حرج ناهي، البت ايتري گھٽي اونداهي جنهن سان طبيعت گھٻرائي ته اهو نماز جي خشوع ۽ خضوع جي خلاف هوندو، لهذا اهڙي اونداهي ۾ نماز نه پڙهي وڃي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (5) سرڪار مسجدِ بيت ۾ نماز پڙهائي

خادمُ النّبي حضرت انس رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: حضرت ابوطلحه انصاري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ پنهنجي گھر ۾ هڪ مسجدِ(بيت) ناهي هئي، سندن حضوراڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ پيغام موڪليو پوءِ پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کي ۽ حضرت ابو طلحه انصاري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کي ان (مسجدِ بيت) ۾ نفل نماز پڙهائي ۽ حضرت امّ سُليم رَضِیَ اللہُ عَنْہَا (نماز ۾) اسان جي پويان هيون. (معجم ڪبير ج۵ ص۹۱ حديث ۴۶۷۹)

## (6) مسجد بيت ۾ سجدي جي اندر انتقال

حضرت وليد بن مُسلم رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ کان روايت آهي ته صحابي رسول حضرتِ ابو ثعلَبه خُشَني رَضِیَ اللہُ عَنْہُ عبادت گذار صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْہُمْ مان هئا ۽ سندن شمار ”اهلِ صفّه“ ۾ ڪيو وڃي ٿو. پاڻ فرمائيندا هئا: ”اميد آهي ته الله پاڪ مون کي غفلت جو موت نه ڏيندو جيئن بين کي ڏنو ويندو آهي.“ راوي (سندن هڪ ڪرامت) بيان ڪندي فرمائن ٿا ته حضرت ابوثعلَبه خُشَني رَضِیَ اللہُ عَنْہُ گھر جي صحن ۾ تشريف فرما هئا ته اوچتو هڪ غيبي آواز آيو: ”اي

عبدالرحمٰن!“ حالانڪ صحابي رسول حضرت عبدالرحمٰن رَضِیَ اللهُ عَنْهُ رسول اڪرم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڪنهن غزوي (يعني جنگ) ۾ شهيد ٿي چڪا هئا. جڏهن حضرت ابوثعلبہ خُشَني رَضِیَ اللهُ عَنْهُ محسوس ڪيو تہ انتقال جو وقت اچي ويو آهي تہ مسجد بيت (يعني گهر جي مسجد) ۾ تشريف آڻي سجدي ۾ ڪري پيا. ۽ سجدي جي ئي حالت ۾ سندن انتقال ٿيو. (اللّٰہ والوں کی باتیں ج۲ص۵۴،۵۷) (حلية الاوليا ج۲ص۳۷،۳۹رقم۱۴۱۴)

**الله پاڪ جي اُنهن تي رحمت ٿئي ۽ اُنهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم**

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (7) حضرت عمر بن عبد العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مسجد بيت ۾...

حضرت مُسافِع بن شَيْبَہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ ڀيري پنهنجي پٽ سان گڏ اميرالمؤمنين حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا مهمان ٿيا، پاڻ فرمايائون تہ پنهنجي پٽ کي مهمان خاني ۾ موڪليو ۽ توهان مون سان گڏ گهر هلو (ڇو تہ مسافِع سندن گهرواري جا محرم رشتيدار هئا) حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نمازِ مغرب پڙهائڻ کان بعد گهر تشريف کڻي آيا ۽ مسجدِ بيت ۾ وڃي سنتون ۽ نفل ادا فرمائڻ لڳا ۽ ڳوڙها ڳاڙڻ ۾ مشغول ٿي ويا، جڏهن گهڻي دير ٿي وئي تہ سندن گهرواريءَ آواز ڏنو: مهمان ڪاڏي ٿي اوهان جو انتظار فرمائي رهيو آهي.“ حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تشريف وٺي آيا ۽ مهمان سان معذرت ڪندي فرمائڻ لڳا:” اهو شخص ڪيئن پيٽ ڀري

ڪائي پي سگهي تو جنهن تي اوير ۾ اولهه جي مظلومن جي دعوٰي ٻڌجندي هجي.“ (سيرت عمر بن عبد العزيزلابن الجوزی ص ۲۲۴)

**الله پاڪ جي اُنهن تي رحمت ٿئي ۽ اُنهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (8) عيادت جي لاءِ ويندا هئا ته مريض جي گهر ۾ پهريان نماز پڙهندا هئا

حضرت ابنِ شَوْذَب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا ته جڏهن به اسان حضرت ثابِت بُناني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان گڏ ڪنهن مريض جي عيادت جي لاءِ ويندا هئاسين ته مريض جي گهر وڃي پاڻ پهريان(ان گهر ۾ موجود) مسجدِ بيت(يعني گهريلو مسجد) ۾ نماز ادا ڪندا هئا پوءِ مريض وٽ تشريف ڪٽي ايندا هئا. (اللّٰہ والوں کی باتیں ج۲ ص۴۹۱) (حلية الاوليا ج۲ص۳۶۵رقم۲۵۷۸)

**الله پاڪ جي اُنهن تي رحمت ٿئي ۽ اُنهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (9) غربت جو عظيم انعام

هڪ شخص جو بيان آهي ته مان حضرت سُفيان بِن عُيَيْنَه، حضرت فُضَيل بن عِياض ۽ حضرت عبدالله بن مبارڪ (رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم) سان گڏ هئس ته حضرت سُفيان بِن عُيَيْنَه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: حضرت ابو محمد عبدالله بن مَرْزُوق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيمار آهن، اسان سڀئي سندن عيادت جي

لاءِ هلون ٿا، سيئي حضرات اتي کين عيادت ڪرڻ لاءِ هلڻ لڳا، حضرت ابو محمد عبدالله بن مَرۡزُوق رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پنهنجي گهر ۾ بغير بستري جي زمين تي ليٽيا پيا هئا، هڪ ڪپڙي جي ٽڪري ڪان مشڪل سان انهن جو ستر ڍڪيل هو ۽ انهن جو مٿو پنهنجي (مسجد بيت) جي ٿلهي تي هو. حضرت سُفيان بن عُيَيۡنَه رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ارشاد فرمايو: اي ابو محمد! مون کي هي خبر پهتي آهي ته جيڪو به دنيا جي سازو سامان کي ڇڏي ڏيندو آهي ته الله پاڪ ان کي ان کان بهتر عطا فرمائيندو آهي ۽ بيشڪ اوهان به دنياوي شين کي ڇڏي رکيو آهي ته الله پاڪ اوهان کي هن جي بدلي ۾ ڇا عطا فرمايو آهي؟ ارشاد فرمايائون: الله پاڪ جي رضا تي راضي رهڻ (مون کي نصيب ٿيو آهي) ان ڪري ته اوهان مون کي هن (غربت جي) حالت تي ڏسي رهيا آهيو. (شعب الايمان ج۵ص۵۳رقم ۵۷۴۹)

الله پاڪ جي اُنهن تي رحمت ٿئي ۽ اُنهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## الله پاڪ جي طرفان ڏَر

اي عاشقانِ رسول! يقينًا جنهن کي رِضاءِ الٰهي تي راضي رهڻ جي سعادت نصيب ٿي اهو دنيا جي وڏن وڏن مالدارن بلڪ بادشاهن کان به وڌيڪ خوش نصيب آهي. اسان کي به گهرجي ته جڏهن غربت ۽ تنگدستي پيش اچي ته صبر ۽ همت سان ڪم وٺون. غريبن کي هي ذهن بڻائي رکڻ گهرجي ته الله پاڪ اسان گنهگارن کي جنهن حال ۾ رکيو آهي اهو ئي اسان جي لاءِ بهتر آهي. ڪهڙي خبر ته مالدار هئڻ ۾ اسان جي لاءِ بربادي هجي. مڪتبة المدينه جو ڪتاب ”شڪر جا

فضائل“ صفحي 34 تي آهي: حضرت عقبہ بن عامر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: اللّٰه پاڪ جي سڀ کان آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”جڏهن توهان ڏسو تہ اللّٰه پاڪ ٻانهن کي انهن جي نافرماني جي باوجود انهن جي خواهشن جي مطابق عطا ڪري رهيو آهي تہ هي هُن جي طرفان انهن کي ڍِرَ آهي.“ (مسند احمد بن حنبل ج۶ ص۱۲۲حديث ۱۷۳۱۳)

جے سوہنا مرے دُکھ وِچ راضی
میں سکھ نوں چُلّھے پاواں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (10) حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي ٻانهي جو خواب

حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي هڪ ٻانهي سندن خدمت ۾ حاضر ٿي، سندن کي سلام ڪيو ۽ پوءِ مسجدِ بيت ۾ ٻہ رڪعتون ادا ڪيون جنهن کان بعد ان کي ننڊ اچي وئي، ننڊ جي ئي حالت ۾ هوءَ روئڻ لڳي ۽ پوءِ سجاڳ ٿي حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي خدمت ۾ عرض گذار ٿي: اي اميرالمؤمنين! اللّٰه پاڪ جو قسم! مون هڪ عجيب خواب ڏٺو آهي. سندن پڇيو ڪهڙو آهي؟ ٻانهي عرض ڪيو: مون ڏٺو تہ دوزخ جهنمين تي ڀڙڪي رهيو آهي، پوءِ پلصراط کي ڪٽي دوزخ جي پُٺ تي رکيو ويو آهي. سندن پڇيو پوءِ ڇا ٿيو؟ ان عرض ڪيو: ”خليفي عبدُالمَلڪ بن مَرْوان“ کي آندو ويو ۽ هو پلصراط تي هلڻ لڳو، اجان ٿورو ئي هليو هو تہ پلصراط اونڌو ٿي پيو ۽ هو جهنم ۾ وڃي ڪريو. پاڻ فرمايائون: پوءِ ڇا ٿيو؟ ٻانهي چيو: وري ”خليفي وليد بن عبدُالملڪ“ کي آڻي

پلصراط تي هلايو ويو، ان ٿورو ئي فاصلو طئي ڪيو هو تہ پلصراط اونڌو ٿي پيو ۽ هو دوزخ ۾ وڃي ڪريو. پڇيائون پوءِ ان کان بعد ڇا ٿيو؟ تہ ان عرض ڪيو: وري ”خليفي سُلَيمان بن عبدُالملڪ“ کي آندو ويو ۽ هو بہ پلصراط تي هلڻ لڳو پر ٿورو ئي هليو هو تہ پلصراط اونڌو ٿي پيو ۽ اهو بہ دوزخ ۾ وڃي ڪريو. ڪين پڇيو: پوءِ ڇا ٿيو؟ بانهي عرض ڪيو: اللّٰہ پاڪ جو قسم! اي اميرالمؤمنين! ان کان بعد اوهان کي آندو ويو. اهو ٻڌندي ئي حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هڪ رڙ ڪئي ۽ بيهوش ٿي ڪري پيا. بانهي بيهي سندن ڪن ۾ چوڻ لڳي: اي اميرالمؤمنين!اللّٰہ پاڪ جو قسم! مون ڏٺو تہ اوهان نجات ماڻي ويا آهيو، اللّٰہ پاڪ جو قسم! مون ڏٺو تہ اوهان نجات ماڻي ويا آهيو. بانهي ائين چوندي رهي پر پاڻ رڙيون ڪندا رهيا ۽ ڪرڙيون هڻندا رهيا. (احياء العلوم (اردو) ج۴ ص۵۵۴، اِحيائُ الْعُلُوم ج ۴ ص ۲۳۱)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ياد رهي غير نبيءَ جو خواب شريعت ۾ حجت يعني دليل ناهي، بانهي جي خواب جي بنياد تي انهن خليفن کي هرگز جهنمي نٿا چئي سگهون، اللّٰہ پاڪ ئي انهن خليفن جو حال ڄاڻي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# اسلامي ڀينرن جو اعتڪاف

## اعتڪاف جا ڪيترا قسم آهن؟

اعتڪاف جا ٽي قسم آهن (1) واجب: تہ اعتڪاف جي باس باسي

يعني زبان سان چيو، صرف دل ۾ ارادي سان واجب نہ ٿيندو (2) سنّتِ مُؤَڪّده: رَمَضان جي پوري عَشرهءِ اخيره يعني آخري ڏهن ڏينهن ۾ اعتڪاف ڪيو وڃي. يعني 20 هين رَمضان جي سج لهڻ وقت اعتڪاف جي نيّت سان مسجد ۾ هجي ۽ 30 هين جي سج لهڻ کان پوءِ يا 29 جو چنڊ ٿيڻ کان پوءِ نڪري. جيڪڏهن 20 هين تاريخ تي مغرب جي نماز کان پوءِ اعتڪاف جي نيت ڪئي تہ سنتِ مؤَڪّده ادا نہ ٿي ۽ هي اعتڪاف سنتِ ڪفايہ آهي جو جيڪڏهن سڀ ڇڏي ڏين تہ سڀني کان مطالبو ٿيندو ۽ شهر ۾ هڪ ڪري ورتو تہ سڀ ذميداري کان آجا ٿي ويا. (3) هنن ٻن کان علاوه ٻيو جيڪو اعتڪاف ڪيو وڃي اهو مستحب ۽ سنتِ غير مؤَڪّده آهي.

( بهار شريعت ج۱ ص ۱۰۲۱،الدرالمختار ج۳ ص۴۹۵)

## مسجد بيت جا مختلف شرعي مسئلا

عورتون گهر ئي ۾ اعتڪاف ڪنديون پر ان جاءِ تي جيڪا انهن نماز پڙهڻ جي لاءِ مقرر ڪري رکي آهي جنهن کي”مسجدِ بيت“ چوندا آهن. ۽ جيڪڏهن عورت گهر ۾ نماز جي لاءِ ڪا جڳهہ مقرر ناهي ڪري رکي تہ گهر ۾ اعتڪاف نٿي ڪري سگهي. البت جڏهن اعتڪاف جو ارادو ڪيو ۽ ڪنهن جاءِ کي نماز جي لاءِ خاص ڪري ڇڏيو تہ ان جاءِ تي اعتڪاف ڪري سگهي ٿي. (رَدُّ المحتار ج۳ص۴۹۴)

## عورت اعتڪاف دوران مسجد بيت کان نڪري سگهي ٿي؟

عورت واجب يا سنت اعتڪاف جي دوران بغير ضرورت مسجد بيت(يعني گهريلو مسجد) کان نٿي نڪري سگهي. ”فتاويٰ عالمگيري“ ۾ آهي: عورت مسجد بيت ۾ اعتڪاف ڪندي ۽ جڏهن اعتڪاف ڪندي تہ اهو مسجدِ بيت جو ٽڪڙو ان جي حق ۾ ائين ئي

آهي جيئن مرد جي لاءِ مسجدِ جماعت. بغير حاجت جي اتان ڪان نہ نڪري. جيڪڏهن بغير ضرورت جي عورت مسجدِ بيت مان نڪرندي تہ ان جو اعتڪاف ٽٽي پوندو. (عالگمیری ج۱ص۲۱۲،۲۱۱)

"**بهارِشريعت**" ۾ آهي: "عورت مسجد بيت ۾ اعتڪاف واجب يا سنت ڪيو تہ بغير عذر جي اتان ڪان نٽي نڪري سگهي. جيڪڏهن اتان ڪان نڪتي توڙي جو گهر ئي ۾ رهي اعتڪاف ويندو رهيو."
(بہار شریعت ج۱ ص۱۰۲۳)

## پُل ۾ مسجدِ بيت کان نڪرڻ جو حڪم

هڪ عورت "**مسجدِ بيت**" ۾ واجب يا سنت اعتڪاف ڪيو. اها واش روم جي لاءِ نڪتي ۽ رستو وسرڻ جي سبب مين گيٽ ڏانهن هلڻ لڳي. هڪبئي عورت اها بہ اعتڪاف ۾ هئي هيءَ ان عورت کي روڪڻ جي لاءِ مسجد بيت مان ٻاهر نڪتي، ٻنهي جو اعتڪاف ٽٽي پيو ڇوتہ غلطيءَ سان بہ اعتڪاف واري جاءِ ڪان ٻاهر نڪرڻ تي اعتڪاف ٽٽي پوندو آهي. (احکامِ تراویح و اعتکاف مع بیس تراویح کا ثبوت ص۱۹۱ ملخصاً)

## عورت ڪهڙي ڪهڙي حاجت سبب مسجدِ بيت ڪان نڪري سگهي ٿي؟

عورت صرف حاجتِ طبعي (مثال طور استنجاء وغيره) جي لاءِ "مسجدِ بيت" ڪان نڪري سگهي ٿي. ڇو تہ حاجتِ شرعي (جمعو ۽ جماعت) عورت جي لاءِ ناهي. پڻ گهر ۾ هڪ واش روم ويجهو آهي ۽ هڪ پري تہ بغير عذر (يعني مجبوريءَ جي بغير) ويجهي واري واش روم کي ڇڏي پري واري واش روم ۾ نہ وڃي.
(احکامِ تراویح و اعتکاف مع بیس تراویح کا ثبوت ص۱۹۱ ملخصاً)

## سنت اعتڪاف جي لاءِ روزو رکڻ ضروري آهي

اعتڪافِ سنت يعني رمضان شريف جي آخري ڏهن تاريخن ۾ جيڪو ڪيو ويندو آهي. ان ۾ روزو شرط آهي لهذا ڪنهن مريض يا مسافر اعتڪاف ته ڪيو پر روزو نه رکيو ته سنت ادا نه ٿي بلڪ (اهو اعتڪاف) نفل ٿيو. (بہار شریعت ج۱ ص ۱۰۲۲)

## ڪِرائي جي مڪان ۾ مسجدِ بيت ٺاهي سگهون ٿا؟

ڪِرائي جي مڪان ۾ نماز جي لاءِ ڪنهن حصي کي مخصوص ڪرڻ جي نيت ڪري. اها جاءِ ان جي لاءِ "مسجد بيت" ٿي وئي، اتي اعتڪاف ڪري سگهي ٿي.

## عورت جو غسل جي لاءِ مسجد بيت کان نڪرڻ ڪيئن؟

مرد اصلِ مسجد(يعني اها جاءِ جيڪا نماز پڙهڻ جي لاءِ خاص طور وقف ٿيندي آهي) کان مليل وقف جڳهه جيڪا ضروريات و مصالح مسجد(يعني مسجدن جي ضرورتن) جي لاءِ وقف هوندي آهي جنهن کي"فناءِ مسجد" چيو ويندو آهي. ان ۾ نهيل غسل خانن ۾ اعتڪاف دوران فرض نه ٿئي تڏهن به غسل ڪري سگهي ٿو ڇو ته فناءِ مسجد ۾ وڃڻ سان ان جو اعتڪاف نه ٽٽندو. جڏهن ته عورت گهر ۾ مقرر ڪيل جڳهه ۾اعتڪاف ڪري ٿي. جيڪا "مسجد بيت" چورائيندي آهي ۽ مسجد بيت ۾ "فِنا" جو ڪو تصور ناهي هوندو ان ڪري عورت مسجدِ بيت مان بنا ضرورت ٻاهر نٿي نڪري سگهي. بهرحال عورت جيڪڏهن فرض غسل کان علاوه ڪنهن غسل مثال طور گرمي جي ڪري ٿڌ حاصل ڪرڻ جي لاءِ نڪرندي ته ان جو اعتڪاف ٽٽي پوندو. (مختصر فتاویٰ اہل سنت ص۱۰۲ بتغیر قلیل)

## مسجد بيت ۾ اسلامي ڀينرن جي اعتڪاف جا 25 مختلف مسئلا.

(1) مردن جو اعتڪاف مسجد بيت (گهريلو مسجد) ۾ نٿو ٿئي سگهي.
(عالمگيری ج ۵ ص ۳۲۱)

(2) مسجد بيت جو حڪم عام وقف ڪيل مسجد وانگر ناهي هوندو ان ڪري وڪڻڻ، تحفي طور ڏيڻ درست آهي. (البنايه شرح ہدايه ج۲ص۴۶۹)

(3) مسجد بيت واري ڪمري جي مٿان واش روم ناهڻ ۾ ڪو حرج ناهي ڇو جو ان جو مستقل مسجد وارو حڪم ناهي هوندو. (ايضاً)

(4) وڏي ڪمري يا گهر ۾ موجود هال يا ڊرائنگ روم جي لاءِ به مسجدِ بيت(يعني گهر جي مسجد) نيت ڪري سگهجي ٿي.

(5) مسجدِ بيت (يعني گهر جي مسجد) کي تبديل به ڪري سگهجي ٿو. (دارالافتاء اہل سنت کا غير مطبوعه فتویٰ)

(6) مسجدِ بيت(يعني گهر جي مسجد) ۾ خريد و فروخت به بغير ڪراهت جي جائز آهي. ۽ ناپاڪ شخص به ”مسجدِ بيت“ ۾ داخل ٿي سگهي ٿو. (دارالافتاء اہل سنت کا غير مطبوعه فتویٰ)

(7) رمضان شريف ۾ ۽ ان مبارڪ مهيني کان علاوه به عورت پنهنجي”مسجدِ بيت“ ۾ نفلي اعتڪاف ڪري سگهي ٿي. (ايضاً)

(8) جيڪڏهن ڪنهن ٻئي گهر مان ڪا اسلامي ڀيڻ اچي ٿي ۽ اها انهيءَ ”مسجد بيت“ ۾ اعتڪاف ڪري ٿي ته ان جو اعتڪاف ڪرڻ به درست ٿيندو ۽ ان ٻاهر کان اچڻ واري جي لاءِ به گهروارن جي ان جڳهه جي نيت ڪرڻ ڪافي ٿيندو.

(9) مسجدِ بيت جي لاءِ هرهڪ کي الڳ الڳ نيت ڪرڻ جي حاجت ناهي بلڪ جنهن جڳهه کي گهروارن نماز وغيره جي لاءِ خاص ڪري ڇڏيو ۽ ان کي پاڪ صاف رکيو وڃي تو ۽ ان کي ”مسجد بيت“ سمجهو وڃي ٿو ته اها سيني جي حق ۾ ”مسجدِ بيت“ ٿي ويندي.

(10) اسلامي ڀيڻ مسجدِ بيت(يعني گهر جي مسجد) ۾ نفل اعتڪاف ۾ هئي ڪنهن سبب کان اهو اعتڪاف ٽٽي پيو ته ان جي قضا واجب ناهي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن عورت مسجد بيت مان نڪري توڙي جو پنهنجي گهر جي طرف ته ان جو اعتڪاف جيڪڏهن واجب ٿيو ته ٽٽي پوندو ۽ نفل هوندو ته ختم ٿي ويندو.
(ردالمحتار ج۳ ص ۵۰۱)

(11) اعتڪاف ڪرڻ جي لاءِ بالغ يا بالغ هئڻ شرط ناهي بلڪ سمجهدار هئڻ گهرجي. اها غلط ڳالهه آهي ته غير شادي شده يا ڪنواري عورت اعتڪاف نٿي ڪري سگهي.

(12) روزي ۾ اعتڪاف جي حالت ۾ عورت جو ٻار کي کير پيارڻ جائز آهي.

(13) جيڪڏهن عورت شادي شده هجي ته سنت اعتڪاف جي لاءِ مڙس کان اجازت وٺڻ ضروري آهي. سنت اعتڪاف شروع ٿي وڃڻ کان بعد جيڪڏهن مڙس اعتڪاف کان منع ڪري ته هاڻي اعتڪاف ٽوڙيندي.

(14) اسلامي ڀيڻ جي لاءِ مسجدِ بيت ۾ نفل اعتڪاف جا اهي ئي احڪام آهن جيڪي مَردن جي لاءِ آهن. تنهنڪري اسلامي ڀيڻ کي

گهرجي تہ جڏهن جڏهن مسجدِ بيت (گهر جي مسجد) ۾ وڃي تہ نفل اعتڪاف جي نيت ڪري جيستائين اتي هوندي اِنْ شآءَ اللّٰهُ الْڪريم نَفل اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو.

(15) رَمضانُ المبارڪ جي آخري ڏهي جي سنّت اعتڪاف جي لاءِ اسلامي ڀيڻ ڪي گهرجي تہ 20هين روزي جي سج لهڻ کان پهريان سنّت اعتڪاف جي نيّت سان مسجدِ بَيت ۾ داخل ٿي وڃي تہ جيئن ان جو 20هين روزي جو سج مسجدِ بيت ۾ موجود هئڻ جي حالت ۾ غُروب ٿئي.

(16) اعتڪاف چو تہ اعلٰي درجي جي عبادت آهي ان ڪري اعتڪاف جي نيّت هئڻ ضروري آهي ۽ نيّت دل جي پڪّي ارادي کي چوندا آهن مثال طور: دل ۾ هيءَ نيّت هجي بلڪ بهتر هي آهي تہ دل ۾ نيّت هئڻ سان گڏوگڏ زبان سان بہ چئي وٺي تہ مان اللّٰه پاڪ جي رضا جي لاءِ رَمضانُ المبارڪ جي آخري ڏهہ ڏينهن جي سنّت اعتڪاف جي نيّت ڪريان ٿي.

(17) اسلامي ڀيڻ جو سنّت اعتڪاف درست هئڻ جي لاءِ حيضَ ۽ نِفاس کان پاڪ هئڻ ضروري آهي جيڪڏهن دورانِ اعتڪاف اهڙي صورت پيدا ٿي وئي تہ اعتڪاف ٽُٽي پوندو، لهٰذا اسلامي ڀيڻ کي اعتڪاف کان پهريان پنهنجي ماهواري تاريخن جو خيال رکڻ گهرجي. جيڪڏهن رَمضانُ المبارڪ جي آخري ڏهہ ڏينهن ۾ ماهواري جون تاريخون هجن تہ ماهواري اچڻ کان پهريان حَيض روڪڻ جي دوا کائي ڪري اعتڪاف ڪري سگهي ٿي.

(18) اسلامي ڀيڻ سَحَري ۾ جاڳائڻ جي لاءِ مسجدِ بيت مان نڪري نٿي وڃي سگھي، البت جيڪڏھن سنّت اعتڪاف ڪرڻ واري اسلامي ڀيڻ پاڻ سَحري ناھي ڪئي ۽ سَحري ڏيڻ وارو ڪير بہ جاڳي ناھي رھيو تہ ھيءَ پنھنجي سَحري جو انتظام ڪرڻ جي لاءِ يا سَحري جو انتظام ڪرڻ واري يا واريءَ کي ”مسجدِ بيت“ مان ٻاھر وڃي ڪري بہ جاڳائي سگھي ٿي. البت جاڳائي يا (سَحري يا اِفطاري جو) کاڌو کڻي ڪري جلدي واپس مسجدِ بيت ۾ اچي وڃي ڇو تہ ضرورت جي پيشِ نظر جيڪا اجازت ملي آھي اھا ضَرورت جي ئي حد تائين آھي جيڪڏھن جاڳي واٽي دير ڪندي تہ اعتڪاف ٽُٽي پوندو.

(19) اسلامي ڀيڻ مسجدِ بيت ۾ سنّت اعتڪاف ۾ ويٺي ھئي تہ اھا جڳھ ڪِرڻ لڳي تہ اھا انھيءَ گھر جي ٻئي حصّي لاءِ مسجدِ بيت جي نيّت ڪري اُتي پنھنجو باقي اعتڪاف ڪري تہ اعتڪاف درست ٿي ويندو.

(20) اسلامي ڀيڻ مسجدِ بيت ۾ (يعني گھر جي مسجد) ۾ بنا وضوءَ جي بہ ويھي سگھي ٿي، اعتڪاف جي نيّت سان اعتڪاف جي ثواب جي حقدار ٿيندي.

(21) اسلامي ڀيڻ اعتڪاف ۾ ”مسجدِ بَيت“ ۾ تلاوتِ قرآن ڪريم ”ذِڪر و دُرود ۽ ديني مطالعو“ ۽ نوافل وغيره ۾ وقت گزاري، سوشل ميڊيا ۽ موبائل فون وغيره جي بنا ضرورت جي استعمال کان بچي، مدني چينل ڏسڻ ۾ ڪو حرج ناھي ڇو جو ھي گناھن ڀري پروگرامن کان پاڪ ھوندو آھي.

(22) اسلامي ڀيڻ اعتڪاف جي دوران ” مسجدِ بَيت“ ۾ ويهي ڪري سِبَڻ جو ڪم وغيره ڪري سگهي ٿي ۽ گهر جي ڪمن ۾ پنهنجي جڳهه تي رهي ڪري ڪو مشورو ڏيڻ چاهي ته ڏئي سگهي ٿي، پر پاڻ اٿي ڪري مسجدِ بَيت مان ٻاهر نٿي نڪري سگهي.

(23) اٽيچ باٿروم کي مسجدِ بيت قرار نٿو ڏئي سگهجي ڇو ته مسجدِ بيت نماز جي لاءِ خاص ڪيل جڳهه کي چوندا آهن ۽ اٽيچ باٿروم کي نماز جي لاءِ خاص ناهي ڪيو ويندو.

(24) عورت اعتڪاف جي دوران مسجدِ بيت ۾ پنهنجي نابالغ يا بالغ ٻارَ کي پاڻ سان گڏ رکي سگهي ٿي.

(25) جيڪڏهن سڄي ڳوٺ ۾ رَمضانُ المبارڪ جي آخري ڏهي جو اعتڪاف صرف عورت ئي مسجدِ بيت ۾ ڪري ۽ ڪو بيو مرد مسجد ۾ نه ويهي ته عورت جي اعتڪاف سان سڄو ڳوٺ بَرِيُ الذِّمّہ (يعني ذميداري کان آجو) نه ٿيندو بلڪ مسجد ۾ ڪنهن هڪ شخص جو ويهڻ اعتڪاف جي لاءِ ضروري هوندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## باجماعت نماز جي اهمِيّت

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت علامه سيّد محمود احمد رضوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هر عاقل، بالغ، حُر (يعني آزاد) ۽ قادر (يعني جيڪو قدرت رکندو هجي اُن) مسلمان (مرد) تي جماعت سان نماز پڙهڻ واجب آهي. (فيوض البارى ج٣ص٢٩٧)(فيضانِ نماز ص ١٤٠)

## ٻارن کي نمازي بڻائڻ جو بهترين طريقو

اي عاشقانِ رسول! مسجد ۾ فرض نمازِ باجماعت جو خوب اهتمام فرمايو بلڪ هن ڪان علاوه ڪجهه نه ڪجهه نفل نماز جي به عادت هئڻ گهرجي ۽ نفل نماز جيڪڏهن گهر ۾ جوڙيل مسجدِ بيت (يعني گهر جي مسجد) ۾ ادا ڪئي وڃي ته گهر ۾ رَحمت ۽ بَرڪت جي نازل ٿيڻ سان گڏوگڏ گهر جي افرادَ گهرواريءَ، ٻارن جي اصلاح ۽ نيڪ نمازي بڻجڻ جي ترغيب جو سامان به ٿي سگهي ٿو. "ٻارَ" اها "ڳالهه" گهٽ مڃيندا آهن جنهن جو انهن کي چيو وڃي البت "اهو ڪم" عام طور تي ڪري وٺندا آهن جيڪو انهن جي سامهون بار بار ڪيو وڃي، لهٰذا پنهنجن ٻارن کي نماز جي عادت وجهڻ ۽ حُصولِ ثواب جي چڱي چڱي نيّتن سان گهر ۾ نفل نماز پڙهڻ جي عادت بڻايو. عظيم تابعي بزرگ حضرت سَعيد بن جُبير رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: "مان پنهنجي هن ٻارَ جي ڪري ڪثرت سان (نفل) نماز پڙهندو آهيان." حضرت هِشام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حضرت سَعيد بن جُبير رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي گهر ۾ نماز پڙهڻ جو سبب بيان ڪندي فرمائن ٿا: "(پاڻ) هي اميد ڪندي (نفلَ گهر ۾ پڙهندا هئا ته جيئن) ٻارَ ۾ نماز جي رَغبت پيدا ٿئي." (حلية الاولياء ج۴ص۳۰۹ رقم ۵۶۵۹)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

امیرِ اہلِ سنّت دامت برکاتہم العالیہ کی مسجد بیت بنام: "فیضانِ رمضان"




عالمی مدنی مرکز فیضان مدینہ محلہ سوداگران پرانی سبزی منڈی کراچی

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net